# 7 راهي منزل ناهي دور

هينئين شعر ۾ واسديو ’نرمل‘ مسافر کي صلاح ڏيندي چيل آهي تہ تون اَٽل اِرادو رکي، ساهي پٽڻ جو ويچار نہ ڪندي اَڳتي ڪاهيندو هو، تہ نيٺ وڃي منزل تي رسندين.

**پڙهو، ڳايو، سمجهو.**



توڙي راهہ اڻانگي آهي،
پوءِ بہ چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نہ ويجهو
مور!
راهي! منزل ناهي دوُر.

آهن ڪيڏا وڻ سوُنهارا،
گِهري ڇانوَ ڪندڙ ۽ پيارا،
جيڪي تنهنجي سواڳت جي لاءِ پيا وڇائين ٻور!
راهي! منزل ..........

جي دل ۾ آ پڪو اِرادو،
ڪنهن بہ طرح منزل تي رسڻ جو،
تہ وٽ خود منزل ئي ڊوڙي ايندي ٿي مجبور!
راهي! منزل .........

ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ئي آهي،
ڪاهيندو هل پيلي هُجين تون ٿڪ کان چڪناچوُر!
راهي! منزل ........

## نوان لفظ

| | |
|---|---|
| سوُنهارا - موهيندڙ، وڻندڙ | گِهري - گهاٽي |
| وڇائڻ - پٿارڻ، ڦهلائڻ | ساهي پٽڻ - ترسڻ، آرام ڪرڻ |
| چڪنا چوُر ٿيڻ - پرزا پرزا ٿيڻ يا چوُر ٿيڻ | |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) منزل تي رسڻ لاءِ راهيءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
٢) مسافر جو سواڳت ڪير ڪير ۽ ڪيئن ٿا ڪن؟
٣) ساهي نہ پٽڻ لاءِ شاعر ڇو چيو آهي؟

**سوال.٢. (الف) هيٺ ڏنل سٽن ۾ خال ڀريو.**

١) جيڪي تنهنجي ............... جي لاءِ پيا وڇائين ٻور.
٢) تہ وٽ خود منزل ٿي ................ ايندي ٿي مجبور.

**(ب) ساڳي معنيٰ وارا لفظن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| (1) وڇائڻ | (i) موهيندڙ |
| (2) موڙ | (ii) ڏکي |
| (3) اَڻانگي | (iii) بلڪل |
| (4) سوُنهارا | (iv) ڦهلائڻ |

**سوال.٣. بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو.**

١) توڙي راهہ اَڻانگي آهي،
پوءِ بہ چنتا ڪرڻي ناهي،
صرف ڪندي چنتائون منزل ٿيندي نہ ويجهو موڙ!
٢) ليڪن ساهي پٽڻي ناهي،
جو جيون هلچل ٿي آهي،
ڪاهيندو هل پلي ڀڄين تون تڪ ڪان چڪناچوُر!

## پورڪ اَڀياس

**١. ڏنل بيت جي بند تي ڀڃيل عملي ڪم ڪريو.**

توڙي راهہ اڻانگي آهي ............ پيا وڇائين ٻور. راهي منزل .........

١) بند مان هم آوازي لفظ ڳولهي لکو.
٢) ’سڻانگي‘ لفظ جو ضد ڳولهيو.
٣) ’ميون جا ٻج‘ لاءِ ٻيو لفظ ڳولهيو.
۴) ’ويجهو‘ لفظ جو ساڳي معنيٰ وارو لفظ لکو.

**٢. پارت جي ڪن بہ ٻن مهان هستين بابت پڙهو. اُنهن جي جيون جون مکيہ گهٽنائون يا قصا لکو.**

**٣. پنهنجي ماتا پتا سان سندن جيون بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن سان گفتگو ڪريو. اُنهن جي جيون جو ڪو اَهڙو قصو جيڪو توهان کي پريرڻا ڏئي تہ اُهو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌايو.**

**۴. توهانجي پاڙي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي، اُن کي دور ڪرڻ لاءِ نگر پالڪا عملدار کي درخواست ڪريو.**

**۵. مان وڏو ٿي .......... ٿيندس، اِن تي پنهنجا ويچار لکو.**